سنت ساهتيہ
[سچي زندگيءَ جو ماهوار پتر]

نئين سال جي پڪار

ٻرپا ڪيل:- شري ڀڳوانداس نندوسنگهہ

نئين سال جي پڪار

[دادا]

وطن جي پٽن ۾ جڏهن پيار مڙڪي، تڏهن اهو پٽو پشپ ٿئي، پشپ جي سونهن ۾ چمڪي!

اهڙو پشپ شل مان به ٿيان، شيام! تنهنجي سونهن ۾ چمڪان! پوءِ جيڪر اچي تنهنجي چرڻن ۾ وهان ۽ توکي نهاريان! ڪيتروئي چوندو آئم، پر همت ڪين آئم: متان تون مون تي ڪڙين! سانئڻ ۾ تنهنجي ڪمل چرڻن ۾ ونهي، جيڪر توکي نهاريان!

پيارا! ڏينهن رات هيءَ دل پيئي پڪاري، تنهنجي ملڻ لاءِ پيئي نهاري! جيڪي آئم، سڀ سو وساريان، سڀ سو وڃايان، پر توکي پايان!

ڏس، پيارا! هن رات جي اونده ۾ پانهون کوليون

اقرار

[دادا]

اُلي جوش ڪنهن ۾، ڪيو مون جو اقرار،
هٿ پڻ وساريو اُنهيءَ تي اسرار!
پنهنجي قرب جا قول، ڪٿي پيو تون پرکين؟
ماڻيا موهه ۾؛ سُونهن ۾ پيو اُٿڪين!
منهنجا قول ڪهڙا ڪهڙيون؟ ڪم ڪاريون؟
فرشتا چون پيا:- ”وڃنا مون نهاريون!
اَصل جا جي اَنجام، وڃو آهين وساري:
منهنجي قرب جو قول توکي نهاري!
اَڄي هٿ مون پيتو آهه ڪهڙو شراب؟
اُلي ملڪ منهنجي ڏيندين ڇا جواب؟
وساريءَ سا صُورت، مُورتن ۾ مستان،
اُٿ جاڳ، پياري! حسن ۾ تي حيران!
مسافر تون آهين، نه رک ڪنهن سان ياري،
رک ياد اِڪ يار، ڪر مُوت تياري!“
پيهي ڪوئي مُوڪي سا دنيا رُوحاني،
رک دل مستاني، اَءَ نُوري نماڻي!

شري ايشا : سکيا

[دادا]

شري ايشا جي سکيا پارس جي فقيرن ، رشين ۽ برهم گيانين جي سکيا آهي. ۽ مان ته انهن سمجهندو آهيان ، جڏهن انهيءَ سکيا جا اکر پڙهان يا ٻڌان ته مان هڪ سچي فقير جي ٻاڻي پيو پڙهان يا ٻڌان. مان جيڪو اها سکيا ٿورن اکـرن ۾ هن طرح ظاهر ڪريان :-

” اي پريوءَ جا پيارا ! تون ڪير آهين ؟ پرم ڌام جي پتا جو هڪ ٻالڪ ! اڃا گهڻو وقت تون ٻاهر جي پٺيان پوندين ؟ گهڻو وقت مايا جـو غلام ٿي رهندين ؟ ڪچ وستن جهڙي تهن کـي ، husk کـي پڪڙيندين گهڻو وقت ؟

” ٻاڻ کي وسار !

هڪ پرم کي ياد ڪر !“

” تون آهين ڪير ؟ آتما ! ۽ تنهنجو آتما اڻيٺي

اَٿم نه ٽوڪي جهليان ، قابو ڪريان ، ٽوڪي ٻايان ، پيار
۾ پايان : ٻڌ تون ڪٿي ؟

گل آندم تو واسطي : گل ڪوُمائجي ويا : تون
ڪٿي ؟ ڏيئو ٻاريم تو واسطي : سو ڏيئڙو ٻـ وسامي
ويو : تون ڪٿي ؟

انبورو ڪوليم تو واسطي : انبوري جــي ٽمڪ ٽار
ٻيٺي ٽٽي : تون ڪٿي ؟

هيڏڻو ڏس ، شيام ! ٻيٺو آهيان : ٽمڪجي در ٽي
پڪارِي !

ڏي مهر جـي نهار ! نهار ! نهار ! پـاٽـي پيار !
تـو ٻـــن وٺـوان آهه سڦل سنسار ! ڏي نهار !
اِڪ نهار ! اِڪ نهار ! اوُنده ۾ آچـي ٽـون نهار !
ڪمل هٿڙو ، هن مستڪ تي ڌري ، اوُنده ۾ آچي پيار !
پـاٽـي پيار ! چـرڻـن وهـار ! چـرڻـن وهـار !

تڏهن ئي هي نوجوان شري ايشا کي چوي ٿو ته.
”سائين! مون ته سڀ حڪم نمڙيءَ ڪانوني پالن ڪيا
آهن. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته وڌيڪ ڇا ڪريان؟ ايشور
درشن ڪئن پايان؟“

تڏهن ايشا هن نوجوان ڏي نهاري ٿو. کيس پيار
ڪندو آهي. کيس چوي ٿو ته ”هڪ ڳالهه اڃا اوهان
نه ٿو ڪريو. جيڪي اٿيئي، پنهنجي سڄي ملڪيت
وڃي وڪڻ ۽ پيسا غريبن کي ڏي ته توکي سورڳ
ڌام ۾ سچو ڌن ملي. غريبن کي دان ڪري پوءِ تون
مون وٽ موٽي اچ ۽ سچو شش ٿيءُ!“

هي نوجوان شهزادو هو. شاهوڪار هو. ايشا جا
اهي اکر ٻڌي ويو. وري ڪين موٽيو! ايشا پنهنجن
ششن ڏي نهاري چيو:- ”جن کي پيسو پدارٿ آهه،
تن لاءِ ايشور راڄ ۾ اچڻ ڪهڙو نه مشڪل آهه!
سئيءَ جي ناڪي مان اُٺ لنگهي سگهي ٿو: پر
شاهوڪار ايشور جي راڄ ۾ اچي نٿو سگهي!“

غريبن دکين سان ونڊيو ورهايو، انجي شيوا ڪريو!

هڪ مزمان هن مايا منڊل ۾، جت اونده اُنڌڪار آهي. اُٿ! جاڳ! جوت منڊل جو ٿيءُ!”

سي سياڻا. جن ڀاڳ وساري اَرپــن ڪئي آهي پنهنجي زندگي هڪ اَنمـ ڪــي، جو سونهن ڪان وڌيڪ سونهن وارو آهه!”

*

شري ايشا پيدل وڏيون مسافريون ڪندو هو. هڪ ڏينهن پنڌ پيو ڪري ته ڀرپان هڪ ماڻهوء ڏي نهاري ٿو. پوء ٿورو وقت زمين تي ويهي ٿو، ته اهو ماڻهو ڊوڙندو ڊوڙندو وٽس اچي ٿو ۽ چوي ٿو ته ”اَء نج نرمل، اَء صورت جا سلطان! مون کي ٻڌاء ته ڇا ڪريان، جو نئين زندگي وٺان؟”

تڏهن ايشا چوي ٿو ته ”مونکي سلطان نه ڪوٺ! نڪي چئه ته مان نج نرمل آهيان! هڪ پرڀوء ڪانسواء ٻيو ڪير آهي، جنهن کي چئجي ته نج نرمل آهه. اُن جي حڪم ۾ هل! اُن حڪم جي توکي خبر آهه. نه چوري ڪر، نه ڪوڙ ڳالهاء!”

ڇو ته اونده ۾ هن ڏنو چمڪندڙ تارو. رات جو هن ڏنو اسوار. اهو درشن هنکي جهلي بيهي ٿو.

گرو ڪير؟ "گرو" اکر جي هڪ معنيٰ آهي "اهو، جو پالنا ڪري." هندو جاتيءَ کي، هندو قوم کي گروجن اچي پالنا ڪيو. جنهن وقت گروجن آچن ٿا، تنهن وقت هندو ڌرم ڪريائن ۾ اٽڪيل هو. ان وقت گروجن اچي سکيا ڏني. ان ڳالهين تي گروجن زور ڏنو. اهي ٻه ڳالهيون آهن:- (١) ٻهوين نه آڪال پرک جي پوڄا ڪريو، ۽ (٢) ٻي ڳالهه نه آپيه ٿيو، ڏپ ڇڏيو.

هڪ موقعي تي گروجن ٻه سٿون چيون، جي مون پڳل سنڌي اکرن ۾ هن طرح وڌيون آهن:-

سائينءَ جي پيرن ۾ وڙيي مون پناه:
مونکي هاڪ کنهن جي ٻه کانهي پرواه!

"گوبند" معنيٰ "رکپال". گروجن هندو ڌرم جا رکپال ٿين ٿا. گروجن آيا ان زماني ۾، جنهن وقت هندو قوم وڏي زواليسڪي پهتي هئي. پڳلوءَ جو

گرو گوبندسنگهه

[دادا]

[٦.١.٨٧ گروجن جو جنم ڏن آهه.]

هيءُ ڪير هو؟ انسان! نه انسان کان به مٿي! شاهه شهنشاهه، ٽن جون ٽوليون ، ٽن جون قبرون ٻڌي ويئون آهن. نه هن سچي پاتشاهه جي سماڌي اُچا قائم آهي: ڪٿي؟ اسانجي دلين اندر آهي سماڌي هن پياري جي. دل دل ۾، دل جي اندر، هن پياري جو تخت آهي. سبب ڪهڙو؟ هن تي مهر ٿي، سائينءَ جو لطف ٿيو. هن کي اونده مان لنگهڻو پيو. آڌيءَ راتَ جي اونده ۾ هن ڏٺو چمڪندڙ ستارو. ان اونده جي وقت ۾ گهٻرائجي ڪين ويو. ڪيڏيون نه تڪليفون اچن ٿيون هن پياري تي!

هڪ وقت هن پياري کي ڇڏي وڃن ٿا. سندس لشڪر ڇڙوڇڙ. هيءُ پيارو پنهنجن ماڻهن کان پري، هڪ جهنگل ۾ اڪيلو آهه. نه گهٻرائجي نٿو وڃي،

اَجوڪو ڏينهن Meatless Day ڪري ملهايو وڃي ٿو. پياري دادا جي دل اندر ديا هئي هڪ هڪ ٻکي پسوءَ واسطي، هڪ هڪ پواڙي ماڻهوءَ واسطي. پياري دادا هڪ هڪ ۾ پرڀوءَ جو روپ ڏٺو. هڪ موقعي تي ائين به چيائين، جڏهن دادا گنگارام حاضر هو:- "منهنجو سر وڃو، پر ڪوس گهر وڃي بند ڪرايو."

هڪ پيارو نوجوان، جو آمريڪا ۾ رهي ٿو، پيارو ٻاب (ٻلي) گرباڻي، جو سياڻو آهي. ننڍي هوندي کيس پياري دادا جو درشن ورِي مليو. اُن جي اندر اهو ويچار آيو ته هن ديا جي اوتار جو جنم ڏن سال بسال International Meatless Day ڪري ملهايو وڃي. هن پياري ۽ ٻين ڪيترن جي پرشارٿ سان اَڄ لکن جي تعداد ۾ لوڪ ڀارت ۾ ۽ ڀارت کان ٻاهر وشو ڏينهن (Meatless Day) ڪري ملهائين ٿا. هڪ هڪ جو مان شڪرگذار آهيان.

پيارو، هيءُ گوپال، هيءُ گهڻو اڳي ٿو، اڳي وڪيل
ٿئي ٿو، هندو قوم کي بچائي ٿو. ڪنهن ٿو بچائي؟
”سنگهه“ اکر جي معنيٰ آهي ”شينهن“، ”بهادر“.
گروجن سيکاريو ته ”شينهن ٿيو. اهڙو ٿيو ۽ قوم جي
رکيا ڪريو!“

اکر اِڪ الف جو پڙهجانءِ!

[دادا جشن جو ايڊيشن]

[منگل، ۲۵ نومبر ۱۹۸۶، صبوح جو ساڍي ۸
بجي سنگت دادا منديپ ۾ گڏ ٿي. نرمل ڏاراڻون
پوتر سماڌي آستان تان اچي رهيو هو. پياري
دادا جو جنم ڏينهن، سڀاڳو ڏينهن اچي ويو! ان پوتر
موقعي تي ڪن معزز پاڻون پياري دادا کي شرڌانجلي
پيش ڪئي. پياري دادا جو منو رڪارڊ ايڊيشن
هليو. جنهن کانپوءِ دادا جشن هيئيون ايڊيشن ڏنو
شروعات ۾ سڀني جي شڪرگذاري ميهندي داد
جشن ڇپيو ته]

أڏامي أڏامي هٿ آيا آهيو. ڀارت جي جدا جدا
هندن تان ۽ ڀارت کان ٻاهر ولايت جي جدا جدا
ملڪن مان اچي توهين هت ڪٺا ٿيا آهيو. ٻار سان ڇا
ڪٺي ويندا؟ هڪ پيغام جيڪو ٻار سان ڪٺي وڃو:-
"اکر اڪ الف جو پڙهجانءِ!"

اهو اکر اسين ڪئن پڙهون؟ پياري دادا چيو ته
جيڪڏهن توهين اکر اڪ الف جو پڙهڻ چاهيو ته
دل اندر سڪ سوز اُٿاريو. ڪلهه جي رت پاڻوا جا
نظارا اکين اڳيان وري وري پيا ڦرن. عجيب نظارا!
وقت ڪين اٿم، جو ذڪر ڪريان. ڪلهه جئن رت
پاڻوا سماڻا ٿي ۽ مان مٿي ويس اُن ڪمري ۾،
جنهن ڪمري ۾ "ڏوري گرنٿ" جو اکنڊ پاٺ آواز
سان پئي پڙهيو، جئن ڪمري ۾ گهڙيس، منهنجي
ڪنن ۾ هي اکر پيا:-

"ڏوري نماڻي در جي داسي:
شب روز سڪ ۾ سڪايل رکجانءِ!"

ڏوري نماڻي جي ڪهڙي پرارٿنا آهه؟ اسين

وڌيڪ اُج مان توهان کي ڇا ڇوان ؟ اُج جيڪو پياري دادا جا مٺا وچن دل اَندر ڪٽي ويون :- " اَکر اِڪ اَلف جو پڙهجانءِ !" پيارا ! تو ڀيا ڪيترا پستڪ پڙهيا ، توکي ڇا مليو ؟ شايد دنيا جو مان شان ، پئسو پدارٿ توکي مليو ، پر تنهنجي اَندر ويٺي آهه اَشانتي وڌندي .

نارد پنهنجي گروءَ وٽ اَچي ڪيس چوي ٿو :- " مون ڪيتري نه وديا ورتي آهه . چاليهن قسمن جون وديائون مون ورتيون آهن . پر منهنجي دل اَندر شانتي ڪين آئي آهه . گروديو ! مونکي ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان ؟" گرو ڪيس چوي ٿو :- " شانتي توکي اِيندي ڪين ، جيستائين تو اَکر اِڪ اَلف جو نه پڙهيو آهه . ' اَکر اِڪ اَلف جو پڙهجانءِ !' "

پياري دادا اَج اَسانکي رستو ڏسيو ته ڪيئن اَسين اِهو اَکر اَلف جو پڙهون . اَج اَسين هتي پياري دادا جي ڪمل قدمن ۾ ڪٺا ٿيا آهيون . ڪي ڪٿان ، ڪي ڪٿان اَچي هتي ڪٺا ٿيا آهيو . پڪيئڙا

جيستائين ٿوروئي وقت، ٥ منٽ، ١٠ منٽ، توهان سائين ۾ نه گذاريا آهن.

پيارو دادا چوي ٿو، جي سڪ ۾ وڌڻ چاهيو ته روز روز سائين ۾ ڪجهه وقت گذاريو. اَڀياس دوران توهانجي ۾ اها اَوستا ٿيندي، جي ڪڏهن ڏينهن سائين ۾ نه وِيٺا آهيو ته توهانجي اندر مونجهه ٿيندي. توهين سمجهندا، توهان ڪا وڏي شيءِ miss ڪئي آهي. هڪ هڪ جي جيون ۾ اها اَوستا اچڻي ٿي. ٿو اَڀياس جي ضرورت آهي. ڪوشش ڪري سائينءَ وقت ۾ سائينءَ هڪ سائين ۾ وهڻ ڪجي. اها توهانجي پريوء سان appointment آهي. جيئن ڪئي ٿا appointments توهين رکو ٿا. اها appointment ۾ رکجو. توجه ڪڏهن ڏينهن ۾ نه.

سڪ ۾ جي اَسين وڌڻ چاهيون، روز ٿورو وقت سائين ۾ ويهون. سائين ۾ ويهي پنهنجي پريتم، پنهنجي پريوء سان اَندر جو حال اوريون، سائين ۾ ويهي پنهنجي گروءَ کي پڪاريون:- ”گرديو! اَساڻي

پرارٿنا ڪندا آهيون، اسانجي سڪ شل پوري ٿئي.
پو پيارو دادا پرارٿنا ڪري ٿو: "مونکي سڪ ۾ هميشه سڪايل رکجانءِ! مهنجي سڪ پل پوري نه ڪجانءِ! پر مهنجي سڪ شل وڌندي رهي!"

"اڪو اڪ الف جو پڙهجانءِ!" انلاءِ ضروري آهي ته اسانجي سڪ وڌي، وڌندي رهي! پياري دادا اڄ اسانکي رستو ٻڌايو. جيڪڏهن توهين چاهيو ته سڪ ۾ وڌو ته روز ڪجهه وقت ساڌنا ۾ گذاريو. ساڌنا جو اڀياس ڪريو. مون کي ڪيترا ملندا آهن. چوندا آهن، اسين ته چاهيون ٿا ته اسين ڪجهه وقت ساڌنا جو اڀياس ڪريون. پر اُلائي ڇو پاڻ کي چوندا آهيون، سڀاڻي ڪنداسين. جا سڀاڻ ڪڏهن اچي ڪين. انڪري اڄ صبح جو پيارو دادا اسان سان هن سولي ساڌن جو ذڪر ڪري ٿو. سهڄ راه جو ساڌن آهي. توهين ٻاري، جسي جدا جدا هنڌن تان اچي هتي پياري دادا جي ڪمل قدمن ۾ ڪٺا ٿيا آهيو، اچوڪو ڏينهن گذرڻ نه ڏيو،

کائون، پيا کائون. ٿڪجون ٿا. تڏهن ڏينهن مون
توهان سان ذڪر ڪيو. اَن ڏيوتا ويو پيروءَ وٽ:
وڃي دانهن ڏنائين. پيروءَ کي چيائين ته ”لوڪ
مونکي ڏاڍو پيا کائين.“ تڏهن پيروءَ کيس چيو:-
”گهوج کان مٿي جيڪو اَن، کو انسان کائي ٿو،
اُن کي تون کائڻ شروع ڪجانءِ.“ ڪيتريون بيماريون
گهٽ کائڻ ڪري ٿين ٿيون. پُورو پو کائو. پُورو
پنو کائڻ آهه جيتري بک هجي، اُن کان هڪ ٻه ٽي
گراهه گهٽ کائو. کائڻ وقت سمجهو ٿا ته بک آهه.
جڏهن کائي اٿو ٿا، پوءِ چئو ٿا ته ڳوڙا ٿي پيا
آهيون. جيڪر گهٽ کائو. جي گهٽ کائيندا ته
گهٽ سمهندا. رات جو توهانجي جاڳ ٿيندي ۽
جاڳي جاڳي وڃي پنهنجي رام کي رجهائيندا.

پياري دادا اسان سان هڪ درويش جو ذڪر
ڪيو. سندس ڀڳتن کيس ڏنو ته سڄي رات جاڳيو
پنو هو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها هڻي پيا. ٻئي
ڏينهن سندس شش ڪانئس پڇن ٿا:- ”سائين! توهان

دل اَندر بہ پياس اُٿيٿي تہ شل اُسانجو مائٽ جد
سڦل ٿئي، اَسين بہ اسڪو اِڪ اَلف جو پڙهون
تہ اُسان کي سڪ جو، پريم جو، ڀڳتيءَ جو دان ڏي
۽ ٻي هڪ ڳالهہ، جڏهن جو ذڪر پياري دا
اَجوڪي اُپديش ۾ اُسان سان ڪين ڪيو، پر هڪ
ٻئي اُپديش ۾ ذڪر ڪيو هوائين. چيائين، جو
توهين سڀڪ ۾ وڌڻ چاهيو تہ اَلپ مارگ ۾ پنڌ ڪريو
اَلپ مارگ ڇا آهہ؟ جو اَلپ مارگ ۾ پنڌ ڪري
اُن لاءِ ٽي ساڌن ضروري آهن:- (١) ٿورو ڳالهائي
(٢) ٿورو کائي ۽ (٣) ٿورو سمهي. اَسين ڪيترو
ڳالهايون ٿا. اَسين پيا ڳالهايون، پيا ڳالهايون. سنت
جي سکيا آهہ:- "جهڀا روڪو، ديہ لڳائو." سنت
جي سکيا آهہ تہ پيٽ جي اکون دوارن جا شڪتي
اَسين پيا گنوايون، اُها شڪتي بچائي پيٽ جي اَند
وڃون. هڪ سنيهڪ تہ اِئين بہ چيو تہ وقت اِيندو
جڏهن توهان کي هڪ هڪ اَجائي اکر لاءِ حساب
ڏيڻو پوندو. ٿورو ڳالهايون. ٿورو کائون. اَسين پ

سمجهو ته هي روپ آهــن پياري ٻروءَ جا. پياري
پياري دادا کي اِهو درشن مليو. ڪٿن ته غريبن سان
ملندو هو عزت ۽ شردا ۾. غريبن جي چرنن ۾ سر
جهڪائيندو هو. کين نمسڪار ڪندو هو. چيو ته
پيارو ٻروءَ انهن ۾ وسي ٿو. پياري دادا چيو ته غريبن
جي سيوا توهين انئين ڪريو، جئن ٻروءَ جي پوجا
توهين ڪريو ٿا. هڪ هڪ ڪم آهي ٻروءَ جي پوجا.
هڪ هڪ ڪم ڪريو ن اکين جي ڳوڙهن سان. اکين
جا ڳوڙها بخشيش آهن، جا پيارو ڏوڏيو، پيارو ٻروءَ
آسان کي ڏئي ٿو. انڪري گهرو ن، گهرندا ڪريو ن.
انڪري سانت جو اڀياس ڪريو ن!

ٻال وِديڪ توهالکي ته ٿوسائان. پــو پٺي هــٺ
ادب جا پڌي توهان جي چرنن ۾ وينتي ڪندس.
آچڪي ڏيهن توهين همت آيا آهيو. ڪيچ ٻاڻ سان
ڪٽي وڃو. هن داس کي آسيس ڪريو ته مان ڪيچ
ڪٽي سگهان. (١) ڪيچ نه ڪيچ وقت ۾ ٥ مدت،
١٠ مدت ۾ سانت ۾ وهــو. پياري ٻروءَ، پياري

رات جو ته هڪ ڪن به ننڊ ڪين ڪئي توهان جي
اکين مان ڳوڙها پئي ڳريا. سبب ڪهڙو؟ تڏهن هي
درويش چوي ٿو:- "رات جو مون هڪ آواز
(Divine Voice) ٻڌو. اُن آواز مونکي چيو تہ-
'ڪل مالڪ جي تون پوڄا ڪر اکين جي ڳوڙهن
سان.'" پيارو دادا ڪل مالڪ جي پوڄا ڪندو هو
اکين جي ڳوڙهن سان. پيارو دادا چوندو هو، جيڪو
به ڪم توهين ڪريو، اکين جي ڳوڙهن سان ڪريو.
توهين پاٺ پڙهو ٿا، پوڄا تون ڪريو ٿا، پراڻايام ڪريو
ٿا، آسڻ به وهو ٿا، مالهائون ڦيريو ٿا، تيرٿ آستانن،
مندرن تڪاڻن به وڃو ٿا، پر توهانجي جيون تي اَثر
نٿو ٿئي. سبب ڪهڙو؟ اِهي ڪم توهين ڪريو ٿا،
پر ڳوڙها توهان جي اکين مان ڳڙن ڪين ٿا. سڪ
جي نشاني آهه ڳوڙها. هڪ هڪ ڪم سڪ سان
ڪريون. اَسان جي اکين مان ڳوڙها پيا ڳڙندا. اَڄ
توهان غريبن جي سيوا ڪئي: ڪهڙي ڀاوَ ۾ توهان
ڪئي؟ توهان جي دل اَندر سڪ هئي؟ توهان اِئين

گرديو جي چوڻ ۾ واڌيءَ سر جهڪايو. (۲) اَلپ مارڪ ۾ پنڌ ڪيو. ٿڪري پوڙو پنو ڳالهايو، پوڙو پنو کائو، پوڙو پنو سمهو. ان راهه ۾ پنڌ ڪري ڪري پياري گرديو جي ڪرپا سان، پياري پرڀوءَ جي مهر سان، وک اڳتي اڳتي وڌائي، هڪ سپاهي ڏيهڙي اَسين پنهنجي مانڪ ياترا سڦل ڪريون!

نيلوءَ ڏي سنيهه پٽر

پياري نيلوءَ،

جئه دادا شيام! تنهنجو مٺڙو پتر مليو. پياري دادا جون مٺيون يادگيريون تو لکيون آهن. مٺڙي دادا جون يادگيريون جڳ دل تي ڇپيل آهن. ڇا ته سندس پيار هو!

ڪارتڪ جو مهينو اَسان سڀني کي ڪيڏو نه پيارو آهه! ۱۲ نومبر، ايڪادشيءَ جو ڏينهن، پياري دادا جو هندو ڪئلينڊر موجب، جنم ڏن هو. ڪئانت هائوس ۾ ننڍڙي ٻملي جي پاڙن ڪشور، ياڳ ۽

سندر ۽ پيڻ سٽيءَ جي گهر، ڪليال ڪمپائونڊ ۾ هو سال جيان ملهايو ويو.

١٦ نومبر گرونانڪ ديو جن جي جنم جو ڏينهن هو. وڏي اُتساه سان ملهايو ويو. آرتوار جو ڏينهن هئڻ ڪري دادا جشن جو اُپديش ٿيو، جنهن ڪانپوءِ گرونانڪ مودي‌خانو کليو. دادا جشن مهر جو مودي ٿي ويٺو. سڳت شيون وٺي وڃي بيماري دادا جي چرڻن ۾ اَرپڻ ڪيون. ٿوريءَ وقت ۾ ١٧ هزارن جو سؤدو ٿيو. اهو سمورو اَناج، ڪپڙو وغيره سنڌ پوش پيرن ۽ ياتون ڪي ڏنو ويو يا ڪن ڪي گهرن ۾ پهچايو ويو.

پياري دادا جو سڳورو جنم ڏڻ، ٢٥ نومبر، نزديڪ اَچي رهيو هو. ٢١ نومبر کان جدا جدا سنستائن جا پروگرام شروع ٿيا. هڪ هڪ پارٽ موڪيو. شيوا لاءِ ڪيترين ئي شيون هڪ سنستا ڏنيون، جهڙوڪ اَناج، بسڪوٽ، چادرون، ڪنبل، چانهه، ڪپڙو وغيره.

هن سال هڪ نئون اِسم ٿيو. ميران ڪاليج پاران

سندس دل اندر گهڙي وئي. پياري دادا جي سکيا پڙهائيندي دادا جشن چيو ته ٻن ڳالهين تي پياري دادا زور ڏنو:- (١) نام ڳائڻ. پنهنجا سواس نام کانسواءِ اجايا نه وڃائڻ. (٢) نام جي پگل روپ دکين دردن ديندڙن، ٻين ٻکين جي شيوا ڪرڻ. موٽڻ ۾ سوا نوَ اچي لڳا.

رات آئي. نياڻيون، پيٽرون ۽ پائو لنگر جي شيوا ۾ لڳي ويا. هي پهريون سال آهي، جڏهن ٢٥ نومبر جو سمورو ڪاڄو سنگت جي نياڻين ۽ پيٽرن ناهيو. ٻاهران راڌڻو ڪين گهرايا ويا. دادا جشن چيو، منهنجو سپنو اڄ نياڻين سڦل ڪيو. سنگت ۽ فقير گهڻي تعداد ۾ اچڻ ڪري البت ڪجهه دير ٿي وئي.

٢٥ نومبر جو سڀاڳو ڏينهن آيو! ٻارهن سال ڪيڏي نه آسيس ڪٽي آيو! صبوح واري ستسنگ ۾ گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ پيو. ڪن معزز پاٺڪن پياري دادا کي شرڌانجلي ڏني. پياري

٢٢ نومبر شام جو ”ٻال ميلا“ جو پروگرام ٿيو. هزارن جي تعداد ۾ ٻار آيل هئا. ڪيترن گهرجائو ٻارن کي ڪاليج ٻاران مفت ڪوپن ڏنا ويا ته ٽول وٺي کائين ۽ راندين ۾ ڀاڱ وٺن. سنگت به چڱي تعداد ۾ آئي هئي. سڀن اچي پياري دادا جي آسيس ورتي. پياري دادا کي اهي ميلا ڏاڍا وڻندا هئا. ڪاليج ٻاران شيوا لاءِ ١٥ هزار ۽ پيون ڪيتريون شيون ڏنيون ويون.

٢٣ نومبر شام جو ساڍي ٤ بجي رٿ ياترا نڪتي. ڪيترن اکين ۾ ان ياترا جو درشن ڪيو. اکيون ڏسن ته اُنوکو آنند ماڻين. ڪٿي نه دادا جشن ۽ پيا رٿ کي ڇڪيندا پئي هليا. پيون اڳيان پئي هليا، سڀئي نام ڳائيندا، ڪيرتن ڪندا، نعرا هڻندا اڳتي اڳتي پئي هليا. دادا جشن ڪن مقرر ٿيل آستانن تي وڃي اگربتي يا موم بتي ٻاري. پوءِ هند دادا جشن تورا منا وچن هندي ۾ چيا. ڪين يادگيري ڏيارائين ته سڀان ٣٠ نومبر هنسا جي ڪاڻي ڪان پري رهجو. پيارو دادا دنيا جو اوتار هو! ڳڳدامن جو درد

راس جو جاڳرتي سنسنگ ٿيو، جنهن ۾ "نوُري
گرنٿ" جي اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ پاتو ويو.

٢٦ نومبر صبوح جـو هميشه جيان دادا جشن
اوناوالا لاءِ روانو ٿيو، جتان ٻئي ڏينهن شام جو موٽيو؛
سنت سٽيوڪ سائين ۾ وشرام پاتين، سندن سمورو
ٽڪ هليو ويو. ٣٠ نومبر پياري دادا جي چٺي ٻرط
اُتساهه سان ملهائي وئي.

ٻيلو، ٢ ڊسمبر، دادا جشن تعليزي سنگت سان
دکن ڀارت ياترا تي روانو ٿيو. پهريان کولهاپور وڃڻ
لاءِ هتان موٽر ۾ ويا. اٽڪل ٢ ٻجي گانڌي نگر
(کولهاپور) ۾ پهتا، جت پاڻون، پيئون ؟ وديارٿين
دادا جشن جو سواگت پنهنجن ٻاجن سان ڪيو. اتي
جي ٽن اسڪولن جي وديارٿين کي دادا جشن زوردار
اکون ۾ جيو ته توهانجي اندر لڪل شڪتيون آهن،
اهي کوليو ته لوهين سنڌي يدگمت نتين کري سگهو
ٿا، سڄي ڀارت لي جادو لڳائي سگهو ٿا. هن جيوون
جي راه لي جڳن پدت ڪرلو، ڪم ڪار ڪندا رهو،

دادا جو اُپديش ٿيو. دادا جشن ۾ اُپديش ڏنو، جو
جدا ھن چوپڙيءَ ۾ ڇپيو ويو آھي. گردڪشما ٿي،
فقيرن جي شيوا ٿي. لنگر پرسادي سڀن کي ڏني
وئي.

منجهند جو دادا لنگر لڳو. هزارن جي تعداد ۾
پاڻو پيٽو آيل هئا. سڀن پرساد ورتايو.

شام جو عام (Public) ميٽنگ هئي. ڪليل
ميدان ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌي ۽ غير سنڌي
آيا. ڪوسڀن ني وهڻ جو پربند هو. پياري دادا جي
چرنن ۾ پنجاھ لک سترهن هزار ارڙهن (٥٠،١٧،٠١٨)
ديپن جي ڳوتڙي ارپن ڪئي وئي. اٽڪل ٩ لک
ويشدو ٿي زهڻ جا پرنگيا پترپڻ ارپن ڪيا ويا. ڪن
نون پستڪن جو اُدگهاٽن ٿيو. دادا جشن جي ليڪچر
جو وشيه هو:- "What the Word Neads Now is
Love" هڪ ئي ڏڪار هن وقت آهي، سو آهي پيار
جو ڏڪر. پياري دادا جي جيون ۽ سکيا ڏي اشارو
ڪندي دادا جشن ان وشيه تي اٽڪل ٧٥ مدت ڳالهايو.

اُپديش ۾ چيو ته منهنجا پيارا! نج وطن جي ڪا يادگيري اٿو يا نه؟ اسان ماان ڪيترا ننڊ ۾ ستل آهيون. سڀاڳو سو جنهن جي دل سجاڳ ٿئي ٿي. ڪيس پروڙ پوي ٿي ته هيءَ ڀوتوي منهنجو گهر ڪين آهه. منهنجو نج گهر آهي سچ کنڊ. اسين هت وڻجارا ٿي آيا آهيون ڪنهن خاص ڪرتويه واسطي. پنهنجا فرض پالن ڪريون، پر گڏوگڏ نام جي ڪمائي ڪندا رهون. جيڪي ٿئي، سو پڀوءَ جو پرساد ڪري قبول ڪريون، دکين دردن جي شيوا ڪريون ۽ پکين پسن جا رکشڪ ٿيون!

نيلو، هتي خط بند ڪريان ٿي. وڌيڪ احوال ٻئي خط ۾ ڏيندي سانءِ. تولاءِ پيار.

پيارن ماءُ،

نرملا

Printed by Haresh G. Dodeja, Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2 Phone : 34494
and Published by Pamo N. Manchandya.
5/20, Sadhu Vaswani Kunj, Pune 1, Phone: 64174

۽ پنهنجي دل اندر پريوءَ جي يادگيري رکو ۽ جيئن جي سيوا ڪري سگهو، ڪندا رهو. دادا جشن جي رهڻ جو پربنڌ شري باشومل ۽ شري پرتابراءِ جي سندر مڪان تي ٿيل هو.

شام جو ساڍو واڳي هاءِ اسڪول ۽ گانڌي نگر هاءِ اسڪول جي ميدان تي وديارٿين پياري دادا جو ۱۰۷ جنم ڏڻ ملهايو. شروعاتي تقريرن کانپوءِ دادا جشن چيو ته پياري دادا ننڍي هوندي کانئي پنهنجي اڳيان هي آدرش رکيو ته. ٻين سان اهڙيءَ طرح ورتاءُ ڪريان، جهڙيءَ طرح جيڪر مان چاهيان ته ٻيا مون سان ورتاءُ ڪن.

رات جو گانڌي نگر ۾ وڏي شاهي ميدان تي ستسنگ ٿيو، جمع اٽڪل چار هزار ڀائر ڀينر اچي ڪٺا ٿيا. ڀائرن پياري دادا جي چرڻن ۾ شرڌانجليون رکيون. شري هريڪش پنجابي، جنهن جي قربانيءَ ڪوٽ تي دادا جشن ڪولهاپور هليو، ان ڪيس جي روپ ۾ شرڌانجلي پيش ڪئي. دادا جشن پنهنجي

ضروري سُوچنا

هيءَ ڳالهه پاٺڪن جي ڌيان تي آڻجي ٿي ته ٿي ڳچ عرصي کان خبر ڪين پيئي آهي ته هيءَ چوپڙي پاٺڪن کي برابر پهچي ٿي يا نه. آئينده هيءَ چوپڙي هڪ سال لاءِ موڪلي ويندي اُنهن کي جي جنوري مهني يا اُن کان اڳ اُهڙو اطلاع ڏيندا ۽ پنهنجي ائڊريس موڪليندا. پاٺڪن کي اِنڪري وينتي آهي ته ڪرپا ڪري جنوري مهني کان اڳ پوسٽ ڪارڊ لکي هيٺئين پتي تي اَحوال ڏيندا ته هيءَ چوپڙي کين موڪلي وڃي. پوسٽ ڪارڊ ۾ پنهنجي ائڊريس پڻ ڄاڻائيندا.

Pamo N. Manchandya,
Editor “ SANT SAHITYA ”,
5/20, Sadhu Vaswani Kunj,
3, Sadhu Vaswani Path, Pune-411001.

جن وٽان اَهڙو اَحوال ايندو، فقط اُنهن کي چوپڙي ١٩٨٧ سال لاءِ موڪلي ويندي.

دادا ماهوار پتريڪا - [١٩٨٦.١٢.٢٧]

Regd. No. PNC — E/13